ناشاد مصطفيٰ کان دلشاد بڻجي آيو
برباد جو هيو سو آباد بڻجي آيو

موصوف هر صفت آ سردار مرسلن جو
هر عيب کان محمّد آزاد بڻجي آيو

آدم کان ابتدا ۾ مظهر هيو محمّد
آدم جو بعد ۾ هي اولاد بڻجي آيو

خير النساء جو بابو حَسنين جو آ نانو
مشڪل ڪشا سندس جو داماد بڻجي آيو

امي نہ چئہ نبيءَ کي شاگرد آ خدا جو
دنيا جي عالمن جو استاد بڻجي آيو

آذار عاصين جو مهندار بيڪسن جو
بيداد جو اي "دادن" هيءُ داد بڻجي آيو

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت تو غيرت لتاڙي، ڇا ڪجي؟
ڪاڏي پڄجي ڪنهن ئي ياڙي، ڇا ڪجي؟

ڇا ڪجي هت سچ چوڻ آهي گناهه
صبر پيي تو ساهه ساڙي، ڇا ڪجي؟

ويو وڌي بس بدگماني جو مرض
هرڪو تو هڪبئي کي تاڙي، ڇا ڪجي؟

چور تو چوري ڪيو ڪلندو وتي
ڀاڳيو وينو ڳوڙها ڳاڙي، ڇا ڪجي؟

ڪونهه ڪو آهي ٻڌڻ وارو هتي
ڪنهن کي ڇئجي هنياءُ ڦاڙي، ڇا ڪجي؟

پيون لهي ٽوپيون ۽ پٽڪا پيا لهي
سيڪو ٿي پيو سر اگهاڙي، ڇا ڪجي؟

ڪنهن جي پيي عزت سلامت ڪين آ
گهوڙا گهوڙا ڙي الاڙي، ڇا ڪجي؟

پاڙو پاڙي کي ٿو کائي "دادنا"
ويهجي وڃي ڪنهن جي پاڙي، ڇا ڪجي؟

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙائي ديد دلبر سان سِر بازار ٿيو آهيان
ستم گرم شوخ بي پرواهه جو مان يار ٿيو آهيان

بچڻ جو آسرو ڪونهي وڏو بيمار ٿيو آهيان
جوان ٿو پنهنجي قسمت کي سڄڻ کان ڌار ٿيو آهيان

رقيبن سان وتي ريڌهو ٿو هو روز شب باقي
پري ٻيڙيءَ سڄي ۾ مانِ اڇي هڪ بار ٿيو آهيان

اي ”دادن“ دين مُسلم تي اسانکي اعتبار آهي
ڪليسا، ديرُ، مندر کان اڇي بيزار ٿيو آهيان

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ جيڪي آيا سي آخر مري ويا
هٺا جاڏهون جا تاڏهون وري ويا

ڇا نيئون، ڇڏي جهان ۾ سيم ۽ زري ويا
سر تي اُنائي نيڪي بديءَ جي ڀري ويا

غوراب غرق ٿي ويا ڪن جا عميق ۾
تُرهي سوا ڪي تار منجهائون تري ويا

ڪنهن کي ڇيائون ڪين ڇوڻ بعد ڀي وري
صد آفرين تن کي جي سرندي ٿري ويا

فروعون خود پرست ۽ نمرود بت پرست
دوزخ جو ٿي آخر ٻئي ٻارڻ ٻري ويا

بهرام ڪاتي، ڪاتي آ رستم ۽ پيلتن
قبرن ۾ تن جو ماس هڏا ڀي ڳري ويا

اڄڪله ڪو لڳي واءُ ويو آهي اهڙو جو
ڪهڙا نه سياڻا سيبتا ماڻهون ڪري ويا

اي ”دادن“ سوڙ ٿيا ساٿ سان سڄڻ
فرقت ڏئي اسان جي ڪري دل ڇري ويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي نه ڇئبو هاڻي، هرڪوئي پاڻ ڄاڻي
پل سيڪو موج ماڻي، هرڪوئي پاڻ ڄاڻي

الله ظالمن کي بخشيندو ڪين هرگز
سڀ ايندا منجهه پڇاڻي، هرڪوئي پاڻ ڄاڻي

انصاف جا ٿي ناهي بس رهڻو تا ٿي ناهي
وڃبو لڏو پلاڻي، هرڪوئي پاڻ ڄاڻي

ان ٻاري ۾ وڃي ڇا پنهنجو نه ڪنهن جي ٻاري
ڇا ڇا ڇيو ٿلاڻي، هرڪوئي پاڻ ڄاڻي

دنيا ۾ شور آهي جنگين جو زور آهي
ڇا ٿيندو اڄ سياڻي، هرڪوئي پاڻ ڄاڻي

ساري ٿو ساهه جن کي موٽائي ماڳ تن کي
الله شال آڻي، هرڪوئي پاڻ ڄاڻي

هن ٿهر ۾ اسان کي هن شهر ۾ اسان کي
آندو آ آب داڻي، هرڪوئي پاڻ ڄاڻي

”دادن“ ادا تون ڪم ڪر گذري جو ڪين غم ڪر
ڪجهه هوش ڪر نڪاڻي هرڪوئي پاڻ ڄاڻي

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

